
رمضان المبارک/ شوال المکرم 1445ھ/ اپریل 2024ء
ماہنامہ
فیضان مدینہ
دعوتِ اسلامی
ویب ایڈیشن





# صبرِ انبیاء عَلَیهِمُ السَّلَام

(ٻئين قسط)

مُفتي محمد قاسم عطاري

الله پاڪ ارشاد فرمايو:

(اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِیْنَ(۱۵۳)) ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله صبر وارن سان گڏ آهي

(سيپارو:2، البقرة: 153)

## تفسير

### حضرت يوسف عَلَيه السَّلَام ۽ صبر

خُدا جي صابر ٻانهن ۾ حضرت يوسف عَلَيه السَّلَام جو مقام ۽ مرتبو بہ نهايت بُلند آهي. پنهنجي ڀائرن ئي ان کي قتل ڪرڻ جي سازش ڪئي. سندن کوھ ۾ وِڌو ويو. اتان ڪڍي ڪري غلام طور بازار ۾ ڪپايو ويو، جيئن تہ قرآنِ حڪيم ۾ آهي: (اُقْتُلُوْا یُوْسُفَ اَوِ اطْرَحُوْهُ اَرْضًا یَّخْلُ لَكُمْ وَجْهُ اَبِیْكُمْ وَ تَكُوْنُوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ قَوْمًا صٰلِحِیْنَ(۹) قَالَ قَآىٕلٌ مِّنْهُمْ لَا تَقْتُلُوْا یُوْسُفَ وَ اَلْقُوْهُ فِیْ غَیٰبَتِ الْجُبِّ یَلْتَقِطْهُ بَعْضُ السَّیَّارَةِ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِیْنَ(۱۰))

ترجمو ڪنزالعرفان: يوسف کي ماري ڇڏيو يا زمين ۾ ڪٿي اڇلائي اڇو تہ جيئن توهان جي پيءُ جو منهن توهان ڏي ئي رهي ۽ ان کان پوءِ توهان وري نيڪ ٿي وڃجو انهن مان هڪ چوڻ واري چيو: يوسف کي قتل نہ ڪيو ۽ ان کي ڪنهن اونداهي کوھ ۾ وجهي ڇڏيو تہ ڪو مسافر ان کي ڪٽي ويندو جيڪڏهن توهان ڪجھ ڪرڻ وارا آهيو. (سيپارو: 12، يوسف: 9، 10)

پوءِ زمانو گذرندي گذرندي بادشاھ جي محل تائين پهتا. اتي سندن جي خلاف سازشون ٿيون. قيد خاني جون مشڪلاتون برداشت ڪيون. پوءِ خُدا جي فضل سان سُرخُروئي ملي ۽ مصر جي ولايت نصيب ٿي. مصر جي ولايت جي دوران هڪ ڏکيو عرصو قحط جو منهن ڏسڻو پيو، ننڍپڻ کان وٺي ولايتِ مصر جي زماني سميت آزمائشون ئي آزمائشون رهيون، پر پاڻ انهن تمام مصيبتن ۾ صبر ڪيو ۽ الله پاڪ جي رضا تي راضي رهيا ۽ فرمايو: (قَالَ لَا تَثْرِیْبَ عَلَیْكُمُ الْیَوْمَؕ یَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ٘ وَ هُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِیْنَ(۹۲))

ترجمو ڪنزالعرفان: چيائين: اڄ توهان تي ڪا ملامت نہ آهي، الله توهان کي معاف ڪري ۽ اهو سمورن مهربانن کان وڌيڪ مهربان آهي. (سيپارو: 13، يوسف: 92)

پوءِ سندن انهيءَ صبر ۽ احسان جو الله پاڪ هن ريت شان بيان فرمايو: (وَ كَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِیُوْسُفَ فِی الْاَرْضِۚ یَتَبَوَّاُ مِنْهَا حَیْثُ یَشَآءُؕ نُصِیْبُ بِرَحْمَتِنَا مَنْ نَّشَآءُ وَ لَا نُضِیْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِیْنَ(۵۶))

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهڙي طرح اسان يوسف کي هن مُلڪ تي حڪومت عطا فرمائي، ان ۾ جتي وڻيس رهي اسان جنهن کي چاهيندا آهيون پنهنجي رحمت پهچائي ڇڏيندا آهيون ۽ اسان نيڪن جو اجر ضايع ناهيون ڪندا. (سيپارو: 13، يوسف: 56)

## حضرت ايوب عَلَيهِ السَّلَام ۽ صبر

حضرت ايوب عَلَيه السَّلَام کي الله پاڪ نهايت مال و دولت، زمين و جائيداد، مويشي، غلام ۽ اولاد عطا فرمايا هئا. پوءِ جڏهن پاڻ عَلَيه السَّلَام کي آزمائش ۾ مبتلا ڪيو ويو، ته هي سڀ شيون واپس ورتيون ويون، جيئن ته پاڻ عَلَيه السَّلَام جو اولاد گهر ڪِرڻ سان دبجي ڪري فوت ٿي ويو، ٻانهيون ۽ غلام بہ ختم ٿي ويا، تمام جانور، جن ۾ هزارين اٺ ۽ هزارين ٻڪريون هيون، سڀ مري ويون. تمام فصل ۽ باغ برباد ٿي ويا، ايستائين جو ڪجهہ بہ باقي نہ رهيو. هن طرح جي نهايت آزمائش واري حالات ۾ بہ جڏهن پاڻ عَلَيه السَّلَام کي انهن شين جي هلاڪ ۽ ضايع ٿيڻ جي خبر ڏني ويندي هئي، تہ پاڻ الله پاڪ جي حمد ڪندا ۽ فرمائيندا هئا ” منهنجو ڇا آهي! جنهن جو هو ان ورتو، جيستائين ان مون کي ڏئي رکيو هو، مون وٽ هو، جڏهن ان چاهيو وٺي ورتو. ان جو شڪر ادا ٿي ئي نہ ٿو سگهي ۽ مان ان جي مرضي تي راضي آهيان.“ ان کان بعد پاڻ عَلَيه السَّلَام جسماني آزمائش ۾ مبتلا ٿي ويا، پوري مبارڪ جسم ۾ ڦُلڪٽا ٿي ويا ۽ تمام بدن مبارڪ زخمن سان ڀرجي ويو، پر سندن هن حالت ۾ بہ صبر ۽ خُدا جو شڪر ادا ڪندا رهيا، جيئن تہ الله پاڪ سندن هن خوبي کي نهايت خوبصورت انداز ۾ بيان فرمايو: (اِنَّا وَجَدْنٰهُ صَابِرًا ؕ نِعْمَ الْعَبْدُ ؕ اِنَّهٗۤ اَوَّابٌ(۴۴)) ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ اسان ان کي صبر ڪرڻ وارو لڌو. اهو ڪهڙو نہ چڱو ٻانهو آهي بيشڪ اهو گهڻو رجوع ڪرڻ وارو آهي. (سيپارو: 23، ص: 44) ۽ مصيبتن ۽ پريشانين ۾ سندن جي ”رجوع الي الله“ کي هن طرح بيان ڪيو ويو: (وَاَيُّوْبَ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗۤ اَنِّیْ مَسَّنِیَ الضُّرُّ وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِیْنَ(۸۳)ۚ)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ايوب کي (ياد ڪريو) جڏهن ان پنهنجي ربَّ کي پڪاريو تہ بيشڪ مون کي تڪليف پهتي آهي ۽ تون سمورن رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين. (سيپارو: 17، الانبيآء: 83)

## حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام ۽ صبر

حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلَام جو صبر ۽ همت وارو هجڻ پاڻ عَلَيه السَّلَام جي سيرت مان ظاهر آهي. پاڻ عَلَيه السَّلَام ڪيئي سالن تائين هڪ واعدي جي وجهہ سان حضرت شعيب عَلَيه السَّلَام جون ٻڪريون چاريون. نبوت جو منصب ملڻ کان بعد فرعون جي درٻار ۾ وڃي ڪري زبردست انداز ۾ حق جو اعلان ڪيو، فرعون جي ربوبيت کي رد ڪري خُدا جي ربوبيت ۽ وحدانيت جو پيغام ڏنو، حالانڪ ان وقت فرعون جو زور، ظلم ۽ ستم ۽ قهر و جبر سيني کي معلوم هو، پر هڪ ڊگهي عرصي تائين اهڙي خوفناڪ ماحول ۾ فرعون جو

مقابلو ڪندا رهيا، جو جڏهن اهو پنهنجي تمام تر قُوتن سان سندن جاني دشمن بڻجي چڪو هو، جنهن جو ذڪر الله پاڪ هيئن فرمايو: ﴿وَقَالَ فِرْعَوْنُ ذَرُوْنِیْۤ اَقْتُلْ مُوْسٰى وَلْيَدْعُ رَبَّهٗ ۚ اِنِّیْۤ اَخَافُ اَنْ يُّبَدِّلَ دِيْنَكُمْ اَوْ اَنْ يُّظْهِرَ فِی الْاَرْضِ الْفَسَادَ(۲۶) ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ فرعون چيو: مون کي ڇڏيو ته جيئن مان موسيٰ کي قتل ڪيان ۽ اهو پنهنجي رب کي گهرائي. بيشڪ مون کي ڊپ آهي ته اهو توهان جو دين بدلائي ڇڏيندو يا زمين ۾ فساد ظاهر ڪندو. (سيپارو: 24، المؤمن: 26) پوءِ ان ڪان نجات ماڻڻ ڪان بعد پنهنجي قوم سان ٿيڻ وارا معاملات هڪ الگ طور تي نهايت ئي صبر آزمائيندڙ هئا، پر پاڻ عليه السّلام تڏهن به صبر ڪندا رهيا ۽ سندن صبر جي تعريف خود نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هيئن فرمائي: يرحم الله موسى قد اوذى باكثر من هذا فصبر. ترجمو: الله پاڪ موسيٰ تي رحم فرمائي، جو اهي هن ڪان وڌيڪ ستايا ويا هئا ۽ انهن صبر ڪيو هو. (بخاری، 442/2، حديث:3405)

## نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ صبر

نبي ڪريم جي زندگي جي ڪتاب جي ورقن جو متاچرو مطالعو ئي هن حقيقت کي ظاهر ڪري ڇڏي ٿو ته سندن زندگي ڪيتري قدر آزمائشن ۽ تڪليفن سان ڀريل هئي ۽ هن حقيقت جي متعلق خود پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ واضح طور تي ارشاد فرمايو ته جيترو مان الله پاڪ جي راهه ۾ ڏيڄاريو ويو آهيان، اوترو ڪو ٻيو ناهي ڏيڄاريو ويو ۽ جيترو مان الله پاڪ جي راهه ۾ ستايو ويو آهيان، اوترو ڪو ٻيو ناهي ستايو ويو. (ترمذی، 213/4، حديث:2480) جيئن ته مڪي زندگي جي تڪليف پهچائڻ وارن واقعن جو تسلسل، ڪافرن جو ايذا پهچائڻ، جادو، جنون جا طعنا، شعبِ ابي طالب ۾ ٽن سالن جو محاصرو، طائف ۾ سردارن ۽ بدمعاشن جون ڏنل تڪليفون، مڃڻ وارن کي ستايو وڃڻ، سجدي جي حالت ۾ معاذ الله اوجهري جو رکيو وڃڻ، ايمان وارن جو مڪو پاڪ ڇڏڻ تي مجبور ٿي وڃڻ، خود پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هجرت ڪرڻ، پوءِ هجرت ڪان بعد ڪافرن جي طرف ڪان مسلسل جنگيون ۽ منافقن جي سازشين جو مقابلو ڪرڻ، مطلب ته سندن مبارڪ زندگي صبر، همت، عزم ۽ حوصلي جي عظيم ترين نشاني آهي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي ان صبر واري شان جو راز هن ريت واضح فرمايو: اي عائشہ! بيشڪ الله پاڪ اُولُوا الْعزم رسولن ڪان هي پسند فرمائيندو آهي ته اهي دنيا جي تڪليفن تي ۽ دنيا جي پسنديده شين ڪان صبر ڪن، پوءِ مون کي به انهن شين جو مُڪلف بڻائڻ پسند ڪيو، جن جو انهن کي مُڪلف بڻايو، ته ارشاد فرمايو: ﴿فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: سو (اي حبيب!) اوهان صبر ڪيو جيئن همت وارن رسولن صبر ڪيو (سيپارو: 26، الاحقاف: 35) ۽ الله پاڪ جو قسم! منهنجي لاءِ ان جي فرمانبرداري

ضروري آهي، الله پاڪ جو قَسم! مان ضرور صبر ڪندُس جهڙيءَ طرح اُولوا العزم رسولن صبر ڪيو ۽ قوت تہ الله پاڪ ئي عطا ڪندو آهي.
(اخلاق النبی وآدابہ لابی شیخ اصبہانی، ص154، حدیث:806)

۽ انسانن جي آبادگاري کان بعد الله پاڪ اصلاحِ اُمّت ۽ انسانن جي نفس کي پاڪ ڪرڻ جو سلسلو شروع فرمايو ۽ هن عظيم مقصد جي لاءِ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلام کي مبعوث فرمايو ويڻ لڳو. انهن جي بعثت جو اَوّلين ۽ بنيادي مقصد اهو ئي هوندو هو تہ هو خُدا جي ٻانهن کي ڪوڙن خُدائن جي عبادت کان هٽائي ڪري هڪ خُدا جي بارگاهہ ۾ جهڪڻ جي تلقين ڪن، جيئن تہ هن تبليغ جي سلسلي دوران اچڻ وارين مصيبتن جي پهاڙ ۽ قدم قدم تي مشڪلات جي مقابلي ۾ حلم ۽ بردباري، صبر ۽ تحمل ۽ مخالفين کان عفو و درگذر جو معاملو ڪرڻ، انهن الله جي خاص ٻانهن جو خاص وصف رهيو آهي، جيئن تہ حضرت سيدنا نوح عَلَيه السَّلام جو ڊگهي عرصي تائين اسلام جي دعوت پيش ڪرڻ جي باوجود اڪثر قوم جو ايمان نہ آڻڻ، حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلام جو باهہ ۾ وڌو وڃڻ، پنهنجي حقيقي پٽ کي قرباني جي لاءِ پيش ڪري ڇڏڻ ۽ پوءِ عراق کان فلسطين تائين پنهنجي گهرواريءَ ۽ پائٽي سان هزارين ڪلو ميٽر جي هجرت ڪرڻ، حضرت ايوب عَلَيه السَّلام جو مختلف مصيبتن جو منهن ڏسڻ، انهن جي اولاد ۽ مال جو ختم ٿي وڃڻ، حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام جو مختلف آزمائشن ۾ مبتلا رهڻ ۽ پوءِ مصر ۽ مداين جي طرف هجرت ڪرڻ، حضرت عيسيٰ عَلَيه السَّلام جو ستايو وڃڻ ۽ ڪيئي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام جو شهيد ڪيو وڃڻ، هي سڀ آزمائشون ۽ صبر جا لازوال ۽ روشن مثال آهن.

الله پاڪ اسان کي ايمان ۽ عافيت جي زندگي عطا فرمائي ۽ جيڪڏهن ڪا مشڪل اچي تہ صبر جي سعادت عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم




# دَارُالْاِفْتَاء اَهْلِسُنَّت

مُفتي محمد قاسم عطاري

## (1) پهريان کان ٻڌائڻ بغير ڪم ڇڏڻ تي اجرت نہ ڏيڻ؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ اڪثر دڪانن تي چوڪرا ڪم جي لاءِ رکيا ويندا آهن ۽ انهن سان هي طئي ڪيو ويندو آهي تہ جيڪڏهن ڪم ڇڏڻ جو ذهن هجي تہ ٻڌائي ڪري ڪم ڇڏڻو آهي، نہ تہ وچ مهيني ۾ بنا ٻڌائڻ جي ڇڏي ويا، تہ ان مهيني ۾ ڪم ڪيل جيترا ڏينهن هوندا، انهن جي پگهار نہ ملندي. هيءَ ڳالهہ دڪانن تي چوڪرا رکندي عام طور طئي ٿيندي آهي. ڇا هي طريقہءِ ڪار شرعاً درست آهي؟ رهنمائي فرمايو.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

اجارو ڪندي وقت هي طئي ڪرڻ تہ جيڪڏهن بنا ٻڌائڻ جي ڇڏي وئين تہ مهيني ۾ جيترا ڏينهن ڪم ڪري چڪو آهين، ان جي بہ پگهار نہ ملندي، هي شرط فاسد آهي ۽ اهڙو شرط لڳائڻ، ناجائز ۽ گناهہ آهي. دڪاندار ۽ جنهن ملازم هي ناجائز اجاري جو عقد ڪيو هجي، اهي ٻئي گناهگار ٿيندا ۽ انهن تي توبهہ لازم ٿيندي ۽ جيڪڏهن سوال ۾ بيان ڪيل صورت جي مطابق عقد ٿي چڪو هجي ۽ هڪ وقت اچڻ تي ملازم بنا ٻڌائڻ جي مهيني جي دوران ڪم ڇڏي ويو، تہ مالڪ کي هرگز هي حق حاصل ناهي جو اهو پنهنجي خلافِ شرع لڳايل شرط جي مطابق ان جي پگهار نہ ڏي، بلڪ هن صورت ۾ مالڪ تي لازم آهي تہ جيترا ڏينهن ملازم ڪم ڪيو آهي، اوترن ڏينهن جو حساب لڳائي ڪري اجرتِ مثل ادا ڪري. اجرتِ مثل جو مطلب هي آهي تہ جيترا ڏينهن ان ڪم جي عرف مطابق اجرت بڻجندي هجي، اها ادا ڪري، جيتوڻيڪ طئي گهٽي ڪئي هجي.

وَاللهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى اللہ عليه واٰلهٖ وسلَّم

## (2) گهرن جي ٻاهر نعل (گهوڙي جي پيرن وارو لوهي ڇڪرو) يا سنڱ لڳائڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري تہ ڪجھ ماڻهو گهرن جي ٻاهران نظرِبد کان بچڻ جي لاءِ گهوڙي جي نعل لڳائيندا آهن، اهڙيءَ طرح ڪجھ ماڻهو جانور جو سنڱ لڳائيندا آهن، اسان ٻڌو آهي تہ هي ناجائز آهي؟ ڇا هيءَ ڳالهہ درست آهي؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

نظر جو لڳڻ حق آهي، حديثن ۽ آثار مان واضح طور تي ان جو ثبوت ملي ٿو، انهيءَ ڪري شريعتِ مطهره جتي نظرِبد کان حفاظت جي لاءِ دعائون تعليم فرمايون، اتي ان کان حفاظت جون تدبيرون اختيار ڪرڻ جي بہ اجازت مرحمت فرمائي، تنهنڪري نظرِبد کان حفاظت جون تدبيرون اختيار ڪرڻ جائز آهي جڏهن تہ فائدي مند هجن، ۽ شرعي تقاضن جي خلاف نہ هجن. هن تفصيل جي پيشِ نظر، نظرِبد کان بچڻ جي لاءِ گهرن تي گهوڙي جي نعل ۽ جانورن جا سنڱ لڳائڻ کي ناجائز نہ ٿو چئي سگهجي جو هن طرح جي تدبيرن جا نظارا شرع ۾ موجود آهن. حضرت عثمان رضی اللہ عنہ هڪ خوبصورت ٻار کي ڏٺو، تہ فرمايائون تہ هن کي ڪارو ٽِڪو لڳايو تہ جيئن هن کي نظر نہ لڳي، ائين ئي عُلماءِ ڪرام حديث کي سامهون رکندي، نظرِبد کان بچڻ جي لاءِ فصلن ۾ ڪاٺيءَ تي ڪپڙو وغيره ٻڌي ڪري ڪاٺيءَ کي پوکڻ جي اجازت ڏني، ذڪر ڪيل ٻنهي تدبيرن جي حڪمت هي بيان فرمائي تہ جڏهن کو ڏسڻ وارو خوبصورت ٻار يا فصل کي ڏسندو تہ ان جي پهرين نظر ٻار جي چهري تي موجود ڪاري ٽِڪي، ۽ فصل ۾ لڳل ڪاٺيءَ تي، ۽ ان کان بعد ٻار جي چهري ۽ فصل تي پوندي، جنهن جي وجهہ سان نظرِبد کان حفاظت رهندي. اهو ئي مقصد گهوڙي جي نعل ۽ جانور جي سنڱ لڳائڻ جو بہ هوندو آهي تہ ڏسڻ واري جي پهرين نظر ان تي پوءِ ان کان بعد گهر تي پوي ۽ نظرِبد کان حفاظت رهي.

البت ايترو ضرور آهي تہ انهن شين جي بنسبت بهتر ۽ افضل اهو ئي آهي تہ ماثوره دعائون پڙهڻ جو معمول بڻايو وڃي. حديثِ پاڪ ۾ نظرِبد کان بچڻ جي لاءِ بهترين دعا هيءَ وارد آهي: اَعُوۡذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّةِ، مِنۡ كُلِّ شَيۡطَانٍ وَهَامَّةٍ، وَمِنۡ كُلِّ عَيۡنٍ لَامَّةٍ يعني مان هر شيطان، زهريلي جانور ۽ هر بيمار ڪرڻ واري نظر کان، الله پاڪ جي پوري ڪلمات جي پناهہ وٺان ٿو.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

## (3) عيد جي موقعي تي مهمان جو صدقہءِ فطر ڪنهن تي واجب آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ ڪجھ ماڻهو چوندا آهن تہ عيد جي ويجهو مهمان اچي، تہ مهمان جو صدقۂ فطر بہ ميزبان جي ذمي لازم ٿيندو آهي، ڇا هي ڳالھ درست آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

صدقۂ فطر هر آزاد، مسلمان، مالڪِ نصاب (يعني جنهن وٽ ساڍا ست تولا سون يا ساڍا ٻاونجاھ تولا چاندي يا اوتري چانديءَ جي ماليت جيتري رقم يا ڪو سامان حاجتِ اصليہ ۽ قرض کان علاوه موجود هجي، ان) تي عيدُ الفطر جي صبح صادق طلوع ٿيندي ئي واجب ٿي ويندو آهي ۽ هر مالڪِ نصاب جو فطرو ادا ڪرڻ انهيءَ تي واجب ٿيندو آهي، ٻين تي نہ: ايستائين جو نابالغ ٻار بہ صاحبِ نصاب هجي، تہ انهيءَ جي مال مان ادا ڪيو ويندو، اهڙيءَ طرح مهمان مالڪِ نصاب آهي، تہ ان جو صدقۂ فطر بہ انهيءَ تي واجب ٿيندو، ميزبان تي نہ، البت جيڪڏهن ميزبان خود ادا ڪرڻ چاهي، تہ مهمان جي اجازت سان ان جي طرف کان ادا ڪرڻ ۾ ڪو حرج بہ ناهي.

نوٽ: نابالغ ٻار صاحبِ نصاب هجي تہ انهيءَ جي مال مان ان جو صدقۂ فطر ادا ڪيو ويندو پر صاحبِ نصاب نہ هجي تہ پوءِ ان جو مالدار پيءُ ئي ان جي طرف کان صدقۂ فطر ڏيندو.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیه واٰلِه وسلَّم

## (4) بيسڻ تي بيهي ڪري وضو ڪرڻ ڪيئن آهي؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ ڇا بيسڻ تي بيهي ڪري وضو ڪري سگهون ٿا؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

بيسڻ تي بيهي ڪري وضو ڪري سگهون ٿا، البت بيسڻ تي بيهي ڪري وضو ڪرڻ خلافِ مستحب آهي، ڇو جو وضو جي مستحبات ۽ آداب مان هي آهي تہ قبلي ڏانهن منهن ڪري ڪنهن بُلند جڳھ ويهي ڪري وضو ڪيو وڃي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیه واٰلِه وسلَّم



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

## مارچ، اپريل، مئي 2024 رمضان، شوال، ذوالقعده

### حمزه نالي جي تاثير

**سوال:** ٻڌو آهي ته حمزه نالي وارا ٻار نهايت طوفاني ۽ جلالي هوندا آهن، ڇا هي ڳالهه درست آهي؟

**جواب:** جڏهن به هن قِسم جو سوال ڪرڻو هجي بابرڪت نالي سان ڪرڻ مناسب ناهي. بهرحال نالي جي تاثير هوندي آهي پر هن سوال واري نالي کي حضور صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چاچي ۽ پياري صحابي حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْه جي مبارڪ نالي سان نسبت حاصل آهي ته هن جي تاثير سُٺي ايندي، بُري نه. نهايت طوفاني، نهايت شرارتي ۽ جلالي توري ڳالهه تي ڪاوڙ ڪرڻ واري کي چوندا آهن سو حمزه نالي جي هي تاثير نٿي ٿي سگهي. صحابيءِ رسول جي نسبت سان برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي نالو رکو. حمزه جي معنيٰ آهي: شير. ۽ هي نالو ڪيئي عاشقانِ صحابه ۽ اهلبيت جو هوندو آهي، الحمدللّٰه سوال ۾ چيل ڳالهه ڪڏهن نوٽ ناهي ڪئي. (مدنی مذاکرہ، 16شوال شريف 1444ھ)

### مڙس جي مامي مڙس جي چاچي ۽ انهن جي اولاد کان پردو

**سوال:** ڇا عورت جو مڙس جي مامي مڙس جي چاچي ۽ انهن جي اولاد کان به پردو هوندو؟

**جواب:** جي ها! مڙس جي مامي مڙس جي چاچي ۽ انهن جي اولاد کان به پردو ڪرڻو پوندو. ياد رکو! جنهن سان شادي هميشه جي لاءِ حرام نه هجي ان کان پردو ڪرڻو پوندو آهي ۽ اهي نامحرم ۽ اجنبي چورائيندا آهن. (مدنی مذاکره، بعد نمازِ تراويح، 7رمضان شريف 1444ھ)

### نمازِ جنازه ۾ ميت جي دعا نه پڙهي ته؟

**سوال:** نمازِ جنازه ۾ جيڪا ميت جي لاءِ دعا هوندي آهي جيڪڏهن اها دعا نه پڙهي وڃي ته نمازِ جنازه ٿي ويندي؟

**جواب:** نمازِ جنازه ۾ دعا نه پڙهي ته نمازِ جنازه ٿي ويندي, البت دعا ياد نه هجي ته هي دعاءِ ماثوره[1] ”اَللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِی الدُّنۡيَا حَسَنَةً وَّفِی الۡاٰخِرَةِ

[1] يعني قرآن و حديث ۾ بيان ڪيل دعا

حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ” پڙهي وني يا ٽي پيرا ”رَبِّ اغۡفِرۡلِیۡ“ پڙهي وني، دعا جي نيّت سان سورتِ فاتحہ بہ پڙهي سگهون ٿا، سنّت ادا ٿي ويندي، پر نمازِ جنازہ جي دعا ياد ڪرڻ گهرجي. (بہار شريعت، 1/829، 835-مدنی مذاکرہ، 9شوال شريف 1444ھ)

## مسلمانن کي ڪنڊو لڳڻ تي بہ اجر ملندو آهي

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن جا عضوا ضايع ٿي وڃن مثال طور هٿ يا پيرَ ڪٽجي وڃن تہ ڇا ان کي ڪا فضيلت يا اجر بہ ملندو؟

**جواب:** جي ها! جيڪڏهن مسلمان کي ڪنڊو لڳي وڃي تہ هي بہ ان جي لاءِ گناهن جو ڪفارو (يعني گناہ مٽجڻ جو سبب) بڻجندو آهي، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: مسلمان کي بيماري، پريشاني، رنج، اذيت ۽ غم مان جيڪا مصيبت پهچندي آهي ايستائين جو ڪنڊو بہ لڳندو آهي تہ الله پاڪ ان کي گناهن جو ڪفارو بڻائي ڇڏيندو آهي. (بخاری،4/3،حديث:5641،مدنی مذاکرہ، 23شوال شريف 1444ھ)

## شيشي جي ديوار جي پٺيان نمازي جي طرف منهن ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** نماز پڙهڻ واري جي سامهون شيشي جي ديوار هجي تہ نمازي جي سامهون ڏسڻ وارو نمازي جي طرف منهن ڪرڻ وارو ڇورائيندو يا نہ؟

**جواب:** نہ، نمازي جي طرف منهن ڪرڻ وارو نہ ڇورائيندو، ڇو جو نمازي ۽ ان جي درميان شيشي جي ديوار آڙ آهي، ان ڪري نمازي جي طرف منهن ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي. (مدنی مذاکرہ، 23شوال شريف 1444ھ)

## سنّتن جي هڪ رڪعت ۾ هڪ کان وڌيڪ سورتون پڙهڻ

**سوال:** ڇا سنّتن جي هڪ رڪعت ۾ سورت فاتحہ کان بعد هڪ کان وڌيڪ سورتون پڙهي سگهون ٿا؟

**جواب:** جي ها! پڙهي سگهون ٿا. (فتاویٰ امجديہ، 1/97، 98 ماخوذاً-مدنی مذاکرہ، 16شوال شريف 1444ھ)

## ڇا جنّت ۾ ننڊ هوندي؟

**سوال:** ڇا جنّت ۾ ننڊ هوندي؟

**جواب:** نہ. (معجم اوسط، 1/266، حديث:919-مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عصر، 23رمضان شريف 1444ھ)

## اسلامي ڀيڻ جو بُلند آواز سان روئڻ ڪيئن؟

**سوال:** اسلامي ڀيڻ جو نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يا مديني شريف جي ياد ۾ مديني جي جُدائي ۾ بُلند آواز سان روئڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن غير مردن يعني نامحرمن تائين روئڻ جو آواز نہ پهچي تہ بُلند آواز سان روئڻ ۾ ڪو حرج ناهي. ( مدنی مذاکرہ، 30شوال شريف 1444ھ)

## بيمار شخص کان دعا ڪرائڻ

**سوال:** ڪنهن بيمار شخص کان پنهنجي لاءِ دعا ڪرائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** سُنو آهي. حديثِ پاڪ ۾: بيمار کان دعا ڪَرايو جو ان جي دعا ملائڪن جي

دعا جيان هوندي آهي. (ابن ماجہ، 191/2، حديث:1441- مدنی مذاکرہ، 30شوال شريف 1444ھ)

## ميدانِ محشر ڪاٿي ٿيندو؟

**سوال:** حشر جو ميدان ڪاٿي قائم ٿيندو؟

**جواب:** مُلڪِ شام جي سَرزمين تي.(مسند امام احمد، 235/7، 237، حديث: 20042، 20051- مدنی مذاکرہ، 30شوال شريف 1444ھ)

## نماز ۾ ثنا نہ پڙهي ته؟

**سوال:** نماز ۾ ثنا پڙهڻ وسري وڃي تہ ڇا سجدهٔ سهو ڪرڻ ضروري آهي؟

**جواب:** جي نہ، نماز ۾ ثنا پڙهڻ سنّت آهي، ۽ سنّت رهجي وڃڻ تي سجدهٔ سهو واجب ناهي ٿيندو، ها ڄاڻي واڻي ثنا ڇڏڻ نہ گهرجي. ( مدنی مذاکرہ، 7ذوالقعدہ شريف 1444ھ)

## ذوالقعده جي مهيني ۾ شادي ڪرڻ

**سوال:** ڇا ذوالقعده جي مهيني ۾ شادي ڪري سگهون ٿا؟

**جواب:** جي ها ڪري سگهون ٿا. (فتاویٰ رضويہ، 265/11ماخوذاً-مدنی مذاکرہ، 16شوال شريف 1444ھ)

## لڙڪيل زُلفن (وارن) تي مسح ڪرڻ

**سوال:** جن جا زُلف(وار) وڏا هجن ڇا اهي وضو ۾ عمامو لاهڻ بغير زُلفن تي مسح ڪري سگهن ٿا؟

**جواب:** بهارِ شريعت جلد 1، صفحو 291 تي آهي: مٿي ڪان جيڪي وارَ لڙڪي رهيا هجن انهن تي مسح ڪرڻ سان مسح نہ ٿيندو. (مدنی مذاکرہ، 13ربيع الآخر شريف 1445ھ)



## آخري نبي جو پيارو معجزو

# نبوت جي دعويٰ جو دليل

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

پيارا ٻارو! الله ڪريم اسان کي پنهنجي پياري ۽ آخري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان اهڙي عظيم آهي جو جانور، پکي ايستائين جو وڻ، ٻوٽا به سندس ڳالهه مڃيندا هئا.

هڪ ڀيري هڪ ڳوٺاڻو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين ته مون کي ڪيئن خبر پوي ته توهان نبي آهيو؟

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان جو ڇا خيال آهي، جيڪڏهن مان هن کجيءَ جي شاخ کي سڏيان ۽ اها وڻ مان لهي اچي ته ڇا تون گواهي ڏيندين ته مان نبي آهيان؟

### ان ڳوٺاڻي چيو: جي ها.

پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي سڏيو ته اها شاخ زمين تي لهي آئي ۽ جهومندي جهومندي بلڪ بعض روايتن ۾ آهي ته سجدو ڪندي محبوب آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون حاضر ٿي وئي، پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي واپس وڃڻ جو حڪم ڏنو ته اها پنهنجي جاءِ تي واپس هلي وئي. ان ڳوٺاڻي اسان جي پياري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي پيارو ۽ ڪمال وارو معجزو ڏٺو ته الله جو قسم کڻي چوڻ لڳو ته هاڻي آءٌ ڪڏهن به اوهان جي نبي هئڻ جو انڪار نه ڪندس پوءِ اهو مسلمان ٿي ويو. (ديکهئے: سبل الہدی و الرشاد، 9 / 499۔ خصائص الکبری،2 / 60)

پيارا ٻارو!عام طور تي اسان جي عقل کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي ته ڪو ماڻهو ڪنهن وڻ جي لڳل ميوي يا شاخ کي سڏي ته اهو ميوو يا شاخ ان جي سامهون اچي وڃي اهو ممڪن ناهي، پر هي واقعو ڪنهن عام ماڻهوءَ جو نه بلڪ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو معجزو آهي. ۽ معجزو ته هوندو ئي اهو آهي جيڪو عقل کي حيران ڪري ڇڏي. هن واقعي مان اسان کي ڪجهه ڳالهيون سکڻ جي لاءِ مليون.

*جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن جي معاملي ۾ غلط فهمي هجي ته ٻين کي چوڻ ٻڌڻ بدران انهيءَ شخص سان رابطو ڪرڻ گهرجي ته جيئن اسان کي تسلي ٿئي ۽ ٻين جي غلط افواهن کان بچي سگهون، جيئن ڪافرن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ وڏيون غلط ڳالهيون ڪيون، پر جيڪو به سندن وٽ آيو اهو حق چاڻي ويو.

*جيڪڏهن ڪو اسان کان اسان جي ڳالهه جو ثبوت يا دعويٰ جو ثبوت گهري ته اسان کي ناراض ٿيڻ بدران ان کي مطمئن ڪرڻ گهرجي.

* ڪنهن جي سامهون دليل پيش ڪرڻ کان اڳ اهو طئي ڪرڻ مفيد هوندو آهي ته ڇا توهان فلاڻي ثبوت ۽ دليل سان مطمئن ٿي ويندا، جيئن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ڳوناڻي سان طئي فرمايو.

* صحيح ثبوت ملڻ کان پوءِ ڳالهه مڃڻ سعادتمندي آهي ۽ ان کي مڃڻ بدران غلطي تي ضد ڪرڻ بدبختي آهي.

* الله پاڪ بي جان شين کي به حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي معرفت ۽ حڪمِ رسول جي فرمانبرداري جي سعادت عطا ڪئي هئي.

* پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم! جي اختيارات جي اظهار تي بي ايمان به ايمان ڪٽي ايندا هئا.

هي ڳالهه هميشه ذهن ۾ رکو! ته اسان جي شريعت ۾ الله پاڪ کان سواءِ ڪنهن کي به سجدو ڪرڻ جائز ۽ حلال نه آهي، وڻ، پٿر ۽ جانور ديني احڪام جا پابند نه آهن، تڏهن انهن جو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي سجدو ڪرڻ حديثن مان ثابت آهي پر انسانن کي سختي سان منع ڪيو ويو آهي ته اهي الله کان سواءِ ڪنهن کي سجدو نه ڪن. (ڏيکهئي: ابن ماجه، 2 / 411، حديث: 1852، 1853)



ننڍا اصحابي سڳورا

# حضرت نعمان بن بشير انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا



مولانا اويس يامين عطاري مدني

قارئينِ ڪرام! حضرت نعمان بن بشير رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کي ھہ ننڍي عمر ۾ ئي صحابي رسول ٿيڻ جو شرف مليو. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ حضرت بشير ۽ حضرت عَمرہ جا فرزند آھن، سن 2 ھجري ۾ مديني ۾ پيدا ٿيا.

ھجرت کان پوءِ انصار صحابہ وٽ سيني کان پھريان پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي ولادت ٿي.[1]

**ولادت کان بعد ڪرم نوازي** پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي والدہ سندن ڪٺي ڪري نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاہ ۾ حاضر ٿيون، رسولِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي ستي ڏني ۽ ھيءَ خوشخبري ٻڌائي: ھي (ٻار) تعريف جي قابل زندگي گذاريندو، شھيد ٿيندو ۽ جنت ۾ داخل ٿيندو.[2]

**ننڍپڻ جو واقعو** پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پنھنجي ننڍپڻ جو ھڪ يادگار واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ ھڪ دفعي رسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون کي ٻہ ڄڳا ڏنا ۽ اشارو ڪري فرمايائون: ”ھن کي تون کائي ڇڏجان ۽ ھن کي پنھنجي ماءُ کي ڏجان، مون ٻئي ڄڳا کائي ڇڏيا. بعد ۾ رسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون کان پڇيو تہ مون چيو تہ مون اھي کائي ڇڏيا، اھو ٻڌي ڪري حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون کي (شفقت طور) ڪن مان پڪڙيو.[3]

---

[1] البداية والنهاية، 760/5

[2] البداية والنهاية، 760/5

[3] الاستيعاب، 61/4- معجم اوسط، 515/1، حديث: 1899

حديثن جون روايتون: پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان 114 حديثون مروي آھن،[4] جيئن ھڪ روايت ۾ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: دعا عبادت آھي، پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ قرآن ڪريم جي ھيءَ آيت مبارڪ تلاوت فرمائي:

(وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِیْۤ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ اِنَّ الَّذِیْنَ یَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِیْ سَیَدْخُلُوْنَ جَهَنَّمَ دٰخِرِیْنَ۠(۶۰))

**ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ توھان جي رب فرمايو مون کان دعا ڪيو مان توھان جي دعا قبول ڪندس بيشڪ جيڪي منھنجي عبادت کان تڪبر ڪن ٿا عنقريب ذليل ٿي جھنم ۾ ويندا.**[5]

صراط الجنان ۾ آھي تہ امام فخرالدين رازي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ھي ڳالھ ضروري طور معلوم آھي تہ قيامت جي ڏينھن انسان کي اللہ پاڪ جي عبادت سان ئي نفعو پھچندو انڪري اللہ پاڪ جي عبادت ۾ مشغول ٿيڻ نھايت اھم ڪم آھي ۽ ڇو تہ عبادتن جي قسمن مان دعا ھڪ بھترين قسم آھي انڪري ھتي ٻانھن کي دعا گھرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو ويو آھي.[6]

---

[4] سير اعلام النبلاء، 494/4

[5] ترمذى، 166/5، حديث:3258- پ24، المؤمن: 60

[6] صراط الجنان، 8/-تفسيركبير، المؤمن، تحت الآية: 60، 527/9

**وصال** حضور اکرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وصالِ ظاهري جي وقت پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه 8 سال 7 مهينن جا هئا.[7] پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه حِمص شام ۾ 64 هجري جي آخر يا 65 هجري جي شروع ۾ شهادت ماڻي.[8]

الله پاڪ جي انهن جي مٿان رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

---

(7)معرفة الصحابه لابی نعیم، 320/4

(8)سير اعلام النبلاء، 495/4-تاريخ ابن عساکر، 127/62



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

مُفتي محمد قاسم عطاري

### (1) عورت جي مٿي کان جدا ٿيڻ وارن وارَن جو حڪم

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن عالمِ ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته عورتن جو ڪنگو ڪرڻ يا مٿو ڌوئڻ ۾ جيڪي وار مٿي کان جدا ٿي وڃن، انهن جي باري ۾ شريعت پاڪ جو ڇا حڪم آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

عورتن جي ڪنگو ڪرڻ يا مٿو ڌوئڻ ۾ جيڪي وارَ جدا ٿي وڃن، انهن جي باري ۾ شريعت پاڪ جو حڪم هي آهي ته عورت انهن وارن کي لڪائي ڇڏي يا دفن ڪري ڇڏي ته جيئن انهن تي ڪنهن اجنبي (غير محرم) جي نظر نه پوي، ڇو جو عورت جا وارَ اوگهڙ ۾ داخل آهن، جنهن جي طرف نظر ڪرڻ، ناجائز آهي ۽ جنهن عضوي جي طرف نظر ڪرڻ، ناجائز هجي، انهن جو بدن کان جُدا ٿيڻ کان بعد به انهن کي ڏسڻ، جائز ناهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

### (2) جيڪڏهن ٻار عورت جو دوا ذريعي لهڻ وارو کيرُ پيئي ته رضاعت جو حڪم؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن عالمِ ۽ مفتي سڳورا هنن مسئلن جي باري ۾ ته

(1) جنهن عورت جو ٻار نه هجي اها اهڙي دوا کائي ڪري جنهن دوا کائڻ سان کير اچي ويندو آهي ڪنهن ٻار کي کير پياري ته ڇا رضاعت ثابت ٿي ويندي؟

(2) جيڪڏهن ٻار گود (هنج) ورتو هجي ۽ اڳتي هلي ڪري ان کان پردي جو مسئلو نه ٿئي ته ان کي رضاعي پٽ بڻائڻ جي لاءِ گواهه ڪيئن

بنائڻا پوندا؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

(1) جيڪڏهن دوا ذريعي کير اچي ويو ته تڏهن به کير پيارڻ سان عورت ۽ ٻار جي درميان رضاعت ثابت ٿي ويندي. البت جيڪڏهن اها عورت شادي شده هجي ته ان جو مڙس ان ٻار جو رضاعي پيءُ نه ٿيندو، جيتوڻيڪ ان عورت سان صحبت جي وجھ سان رضاعي ڇوڪري ان جي مڙس تي حرام هجي. تنهنڪري ان کير پيارڻ واري جي مڙس جي رشتيدارن کان ائين ئي پردو هوندو جيئن اجنبي يا اجنبيه جو هوندو آهي.

جيڪڏهن دوا ذريعي واقعي کير لهي اچي ته چو ته حرمت جي اصل کير آهي ته جتي کير اچڻ جو تصور ڪيو وڃي ۽ ممڪن هجي اتي ان سان حرمت ثابت ٿيندي. جيتوڻيڪ ان عورت جو ڪڏهن به اولاد نه ٿيو هجي بلڪ جيتوڻيڪ عورت ڪنواري ئي ڇو نه هجي. شرط اهو آهي جو خارج ٿيڻ واري شيءِ کير هجي ۽ جيڪڏهن کير نه بلڪ اچي رطوبت آهي ته حرمت ثابت نه ٿيندي.

(2) کير پيارڻ وقت مڙس ۽ ٻه عورتون گواهه بڻجي سگهن ٿيون پر هي ضروري ناهي، البت ايترو ڪيو وڃي جو کير پياري ان جي تشهير ڪئي وڃي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم



# فلسطين ۾ انبياءِ ڪرام جون مزارون

(قسط:03)

مولانا محمد آصف اقبال عطّاري مدني

فلسطين جي سرزمين نهايت مبارڪ ۽ مُحترم جڳهه آهي هي سرزمين آسماني پيغامن ۽ رسالتن جو سرچشمو رهي آهي نبين ۽ رسولن جي رهائش جي جڳهه رهي آهي قرآنِ ڪريم ۾ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ (سيپارو: 15، الاسراء: 1) سان هن مقام کي عزّت بخشي هتان کان پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي معراج ڪرايو ويو هيءَ ئي سرزمين محشر جي زمين آهي هن زمين ۾ جتي ڪيئي انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام مبعوث ٿيا آهن اتي ڪوڙ نبين سڳورن هتي پنهنجون زندگيون به گذاريون، اهڙيءَ طرح ڪيئي نبين جون مزارون اڄ به هن سرزمين تي موجود آهن. حضرت ڪعبُ الاحبار رَضِیَ اللهُ عَنْه کان منقول آهي ته بيتُ المقدس ۾ هڪ هزار (1000) انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جون قبرون آهن. (الانس الجليل بتاريخ القدس و الخليل،2/138)

هتي ڪجهه انبياءِ ڪرام جو ذڪرِ خير ٻڌندا!

## (1) ابوالبشر حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام

حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي تدفين جي جاءِ بابت مورخين جو اختلاف آهي مشهور هي آهي پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي هند ۾ انهيءَ مقام ۾ انهيءَ جبل وٽ دفن ڪيو ويو هو جنهن تي پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جنّت کان لٿا هئا، ڪجهه هي چون ٿا ته مکي ۾ جبلِ ابوقبيس وٽ دفن آهن ۽ ڪجهه جو هي به چوڻ آهي ته جڏهن حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي زماني ۾ طوفان آيو ته پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرت حوا رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو مبارڪ جسم هڪ تابوت ۾ رکيائون پوءِ انهن کي بيتُ المقدس ۾ دفن ڪري ڇڏيائون. (قصص الانبياء لابن ڪثير ص 73)

## (2) حضرت ابراهيم خليلُ الله عَلَيْهِ السَّلَام

127 سال جي عُمر ۾ حضرت ساره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو وصال ٿي ويو جنهن تي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام نهايت غمگين ٿيا، ان کان بعد پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام هڪ شخص کان 400 مثقال سون ۾ هڪ غار خريد ڪئي جنهن ۾

حضرت ساره رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي دفن ڪيائون. (قصص الانبياء لابن ڪثير، ص 236 تا 237)

### (3) حضرت ابراهيم عَلَيہ السَّلَام جو وصال ۽ تدفين:

پاڻ عَلَيہ السَّلَام جي وفات جي مُتعلق مُختلف روايتون آهن جن جي حقيقت الله پاڪ ئي بهتر ڄاڻي ٿو، ڪجهه هيئن تا چون ته پاڻ عَلَيہ السَّلَام جي وفات اوچتو ٿي ۽ عُلماءِ اهلِ ڪتاب جي ويجهو حضرت ابراهيم عَلَيہ السَّلَام بيمار ٿيا ۽ انهيءَ عالَم ۾ هن فاني دنيا مان رخصت ٿيا ۽ حضرت اسماعيل ۽ اسحاق عَلَيہما السَّلَام پاڻ عَلَيہ السَّلَام کي انهيءَ غار ۾ دفن ڪيو جنهن ۾ حضرت ساره رَضِیَ اللہُ عَنہا دفن هيون، هڪ قول جي مطابق پاڻ عَلَيہ السَّلَام جي عُمر مبارڪ 175 سال ۽ هڪ قول جي مطابق 200 سال هئي. (سيرة الانبياء ص 334 بحواله قصص الانبياء لابن ڪثير،ص 237 )

### (4) حضرت اسحاق عَلَيہ السَّلَام

حضرت اسحاق عَلَيہ السَّلَام 180 سال تائين هن جهان ۾ رونق افروز رهيا. مقدس زمين ۾ سندن عَلَيہ السَّلَام جي وفات ٿي ۽ تدفين حضرت ابراهيم عَلَيہ السَّلَام جي مزارِ پُرانوار جي ويجهو ٿي. (تفسير قرطبی، سورة البقره، تحت الآية: 132، 104/1)

### (5) حضرت يعقوب عَلَيہ السَّلَام

حضرت يعقوب عَلَيہ السَّلَام پنهنجي فرزند حضرت يوسف عَلَيہ السَّلَام وٽ مصر ۾ 24 سال خوشحالي سان رهيا، جڏهن وفات جو وقت ويجهو آيو ته سندن حضرت يوسف عَلَيہ السَّلَام کي وصيت ڪئي ته ڪين جنازو مُلڪِ شام (موجود فلسطين الخيل شهر) ۾ ڪڻي وڃي ڪري ارضِ مقدس ۾ سندن والد حضرت اسحاق عَلَيہ السَّلَام جي قبر شريف وٽ دفن ڪيو وڃي. ان وصيت کي پورو ڪيو ويو ۽ وفات کان بعد هڪ ڪاٺي جي تابوت ۾ پاڻ عَلَيہ السَّلَام جو جسد اطهر شام ۾ آندو ويو انهيءَ وقت پاڻ عَلَيہ السَّلَام جي ڀاءُ عِيص جي وفات ٿي سندن ٻنهي ڀائرن جي ولادت بہ گڏ ٿي هئي ۽ دفن بہ گڏ ڪيا ويا ۽ ٻنهي صاحبن جي عُمر 147 سال هئي. حضرت يوسف عَلَيہ السَّلَام پنهنجي والد ۽ چاچي کي دفن ڪري مصر جي طرف واپس روانا ٿيا. (خازن، سورة يوسف، تحت الآية: 100، 46/3، 47)

### (5) حضرت يوسف عَلَيہ السَّلَام

حضرت يوسف عَلَيہ السَّلَام جي دفن ٿيڻ واري مقام جي باري ۾ مصر وارن جي اندر سخت اختلاف واقع ٿيو، هر پاڙي وارا حصولِ برڪت جي لاءِ پنهنجي ئي پاڙي ۾ دفن ڪرڻ تي مُصر (يعني اصرار ڪري رهيا) هئا، آخر هي صلاح طئي ٿي ته پاڻ عَلَيہ السَّلَام کي درياءِ نيل ۾ دفن ڪيو وڃي ته جيئن پاڻي پاڻ عَلَيہ السَّلَام جي قبر کي لڳي گذري ۽ ان جي برڪت سان تمام مصر وارا فيض ماڻين، جيئن ته پاڻ عَلَيہ السَّلَام کي سنگِ مَرمَر جي صندوق ۾ درياءِ

نيل جي اندر دفن ڪيو ويو ۽ پاڻ عليه السّلام اتي ئي رهيا ايستائين جو 400 سال کان بعد حضرت موسيٰ عليه السّلام پاڻ عليه السّلام جو تابوت شريف ڪڍيو ۽ سندن ابن ڏاڏن عليهم السّلام (يعني حضرت ابراهيم، اسحاق، يعقوب عليهم السّلام) وٽ مُلڪِ شام ۾ دفن ڪيائون. (تفسير مدارک، يوسف، تحت الآية: 101، ص 546 - تفسير خازن، يوسف، تحت الآية: 101، 47/3)

### (6) حضرت موسيٰ عليه السّلام

مُفتي محمد قاسم عطاري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي ڪتاب سيرتِ انبياء ۾ آهي: چيو ويو آهي ته تيه ۾ ئي حضرت هارون ۽ حضرت موسيٰ جي وفات ٿي، حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام جي وفات جي چاليهه سال کان بعد حضرت يوشع عَلَيهِ السَّلَام کي نبوت عطا ڪئي وئي ۽ جبارين تي جهاد جو حڪم ڏنو ويو پاڻ باقي بچيل بني اسرائيل کي گڏ وٺي ڪري ويا ۽ جبارين کان جهاد ڪيائون. (سيرة الانبياء ص 649)

فلسطين جي شهر اريحا جي ويجهو غور جي مقام تي حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام جي مزار مبارک موجود آهي.

### (7) حضرت دائود عليه السّلام ۽ (8) حضرت سليمان عليه السّلام

حضرت دائود ۽ سليمان عليهما السّلام ٻئي مقدس شهر (يروشلم) جي هڪ واديءَ ۾ ڪنيسه جسمانيه ۾ هڪ ئي مزار ۾ آرام فرمائي رهيا آهن. (الانس الجليل بتاريخ القدس و الخليل ج 1 ص 218)

### (9) حضرت يونس عليه السّلام

حضرت يونس عليه السّلام جي مزار مبارڪ شهر الخليل جي ويجهو حلحول نالي مقام جي ڳوٺ ۾ (جامعُ النبي متيٰ مسجد ۾) واقع آهي. (الانس الجليل بتاريخ القدس و الخليل ج 1 ص 267)

### (10، 11) حضرت يحييٰ ۽ زڪريا عليهما السّلام

حضرت مريم رَحمَةُ اللهِ عَلَيهَا جي مزار جي ويجهو جبلِ طور زيتا (جبلِ زيتون) جي داخلي طرف جبل جي ويجهو انهن جون مزارون مبارڪ واقع آهن

(مسجدِ اقصيٰ سان گڏ ئي جبلِ زيتون سان مُنسلڪ واديءِ قيدرون زڪريا سلوان نالي مقام تي حضرت زڪريا عَلَيهِ السَّلَام جي مزار مبارڪ موجود آهي) (الانس الجليل بتاريخ القدس و الخليل ج 2 ص 119 / ج 1 ص 119)

### (12) حضرت يوشع بن نون عليه السّلام

حضرت يوشع بن نون عليه السّلام جي وفات کان بعد سندن کي نابلس جي شهر "ڪفل حارس" ۾ دفن ڪيو ويو. (الانس الجليل بتاريخ القدس و الخليل ج 1 ص 202)

ان کان علاوه ٻين به ڪيئي انبياءِ ڪرام ۽ مبارڪ هستين جون مزارون مبارڪ فلسطين ۾ واقع آهن. الله ڪريم انهن عظيم هستين جي صدقي فلسطين وارن جي مدد فرمائي.



سلسلو: نوان ليکڪ
مهينو: اپريل 2024ء
پاڪستان

# حاڪم جا حق

ابو ثوبان عبدُ الرحمٰن عطاري
(درجہ سابعہ مرڪزي جامعةُ المدينہ فيضانِ مدينہ جوهر ٽائون لاهور)

ڪنهن بہ معاشري ۾ زندگي جي معاملات کي صحيح طور هلائڻ لاءِ هڪ حاڪم يا امير جو هجڻ ضروري آهي، شهري زندگي هجي يا ڳوٺاڻي، بنا حاڪم ۽ امير جي ڪنهن بہ جڳهہ جو نظام درست نٿو رهي سگهي ۽ ڪو بہ حاڪم معاشري ۾ امن ۽ امان ان وقت تائين قائم نٿو ڪري سگهي جيستائين ان کي رعايا جو تعاون حاصل نہ هجي. جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تہ هي معلوم ٿيندو تہ ڪهڙي بہ معاشري جي اندر بدامني جي وڌڻ ۾ سيني کان وڏو دخل حاڪم ۽ محڪوم جي پنهنجي پنهنجي ذميداري ۽ پنهنجو پاڻ تي واجبي حقن کي ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي آهي، ان ڪري هن ڪم جي معرفت ضروري آهي تہ حاڪم ۽ محڪوم پنهنجن پنهنجن فرائضن ۽ واجبن کي سڃاڻين. انهيءَ جي پيشِ نظر رعايا تي حاڪم جا ڪجهہ حق ذڪر ڪيا پيا وڃن ملاحظہ ڪندا: اللہ پاڪ پنهنجي ڪتاب قرآنِ پاڪ ۾ هي حڪم ارشاد فرمايو آهي: ﴿يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاُولِي الْاَمْرِ مِنْكُمْ ۚ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! اللہ جي اطاعت ڪريو ۽ رسول جي اطاعت ڪريو ۽ انهن جي جيڪي توهان منجهان حڪومت وارا آهن. (سيپارو: 5، النسآء: 59)

هن آيت مان ثابت ٿيو تہ مسلمان حڪمرانن جي اطاعت جو بہ حڪم آهي جيستائين اهي حق جي مطابق رهن ۽ جيڪڏهن حق جي خلاف حڪم ڏين تہ انهن جي اطاعت نہ ڪئي ويندي. (صراط الجنان، 230/2)

## حاڪمِ اسلام جا 5 حق:

(1) اطاعت ڪرڻ: جيڪو شخص ڪهڙيءَ بہ طرح حاڪمِ اسلام بڻجي چڪو آهي، ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري هر فرد تي

واجب آهي شرط هي آهي تہ اهو شريعت جي مطابق هجي. جيئن تہ حضور نبي پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جنهن امير جي اطاعت ڪئي ان منهنجي اطاعت ڪئي ۽ جنهن امير جي نافرماني ڪئي ان منهنجي نافرماني ڪئي. (بخاری،297/2، حديث: 2957)

(2، 3) چڱائي تي شڪر ۽ بُرائي تي صبر ڪرڻ: رسولِ پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: حاڪمِ اسلام زمين تي الله پاڪ جي ڇانوَ آهي ۽ جڏهن اهو توهان سان چڱو سلوڪ ڪري تہ ان جي لاءِ اجر آهي ۽ توهان تي شڪر لازم آهي ۽ جيڪڏهن بُرو سلوڪ ڪري تہ ان جو گناهہ ان تي آهي ۽ توهان جي لاءِ صبر آهي.(شعب الايمان،15/6،حديث:7369)

(4) ان جي عزت ڪرڻ: حضرت عبدُ الله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو فرمان آهي: حاڪمن جي عزّت ۽ توقير ڪريو ڇو جو جيستائين هي عدل ڪندا اهي زمين تي الله پاڪ جي قوت ۽ ڇانوَ هوندا.(دين و دنيا کی انوکھی باتيں،187/1)

(5) خيرخواهي: حاڪمِ اسلام سان خيرخواهي جو معاملو ڪيو وڃي، جيڪڏهن ڪا ڪوتاهي نظر اچي تہ سُني طريقي سان ان کي توجهہ ڏياري وڃي، ان کي بلڪ تمام مسلمانن کي صحيح، سچي ۽ سُني انداز ۾ مشورو ڏنو وڃي. جيئن تہ الله پاڪ جو فرمان آهي: ﴿اُدْعُ اِلٰى سَبِیْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ﴾

ترجمو ڪنزالعرفان:پنهنجي ربَّ جي رستي جي طرف حڪمت ۽ چڱي نصيحت سان سڏ. (سيپارو: 14، النحل: 125)

الله پاڪ اسان کي انهن حقن تي عمل ڪرڻ ۽ بين تائين پهچائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِیْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ



فرياد

# ذميداري نڀايو

دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جا نگران مولانا محمد عمران عطاري

اسلام جا پهريان مجدّد، خليفهءِ راشد، حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهي عظيم شخصيت آهن جو جيڪي 2 سال 5 مهينا خلافت تي فائز رهيا ۽ ان ذميداري دوران ڪين زمين کي عدل ۽ انصاف سان پري ڇڏيو ۽ ظلم جو خاتمو ڪري ڇڏيو، ڪيس خلافت جي ذميداري بغير گهرڻ جي ڏني وئي هئي. (تاريخ الخلفاء، ص184،185) گهري ڪري حڪومت وٺڻ ۽ بغير گهرڻ جي ملڻ واري حڪومت ۾ فرق بيان ڪندي الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي عبدالرحمٰن بن سَمُره! تون حڪومت طلب نه ڪجان! ڇو ته جيڪڏهن اها توکي بغير گهرڻ جي ڏني وئي ته ان تي تنهنجي مدد ڪئي ويندي ۽ جيڪڏهن اها تنهنجي طرفان گهرڻ تي ڏني وئي ته توکي ان جي حوالي ڪيو ويندو (يعني پوءِ تنهنجي مدد نه ڪئي ويندي). (بخاری، 311/4، حديث:6722-مرقاة المفاتيح،6 / 587، تحت الحديث : 3412)

## ذميداريءَ جي احساس سبب روئڻ لڳا

جڏهن سندن کي بغير گهرڻ جي حڪومت ملي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روئڻ لڳا، حضرت سيدنا حماد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روئڻ جو سبب پڇيو ته فرمايائون: حماد! مون کي هن ذميداري کان خوف ٿئي ٿو. ان پڇيو: اوهان کي درهم (يعني دولت) سان ڪيتري محبت آهي؟ ارشاد فرمايائون: مون کي درهم سان محبت ناهي. ته حضرت سيدنا حماد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪئي ته پوءِ اوهان نه ڊڄو، الله پاڪ اوهان جي مدد ڪندو. (تاريخُ الخلفاء،ص185) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرت تي لکيل مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز جون 425 حڪايتون“ ۾ هن واقعي جي تحت صفحي نمبر 119 کان 120 تي لکيل آهي ته: اوهان حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو طرزِ عمل ملاحظه فرمايو ته بغير طلب جي خلافت جو اعلٰي ترين منصب ملڻ تي خوش ٿيڻ جي بدران احساسِ ذميداري جي ڪري اهي ڪيتري قدر پريشان ٿي ويا، ۽ هڪ اسين آهيون، جيڪي عهدو ۽ منصب حاصل ڪرڻ لاءِ ڊوڙندا وتندا آهيون ۽ پنهنجي خواهش پوري ٿيڻ تي تمام گهڻا خوش ٿيندا آهيون پر جيڪڏهن اسان جي ڀڄ ڊڪ جو نتيجو چڱو نه نڪري ته اسان کي تمام گهڻو ڏک ٿيندو آهي. رڳو ڏک نه بلڪ حسد ۽ بغض، چغلي ۽ غيبت، تهمت ۽ عيب ڪڍڻ جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويندو آهي. پڻ

حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کي تسلي ڏيڻ واري جي مدني سوچ بہ مرحبا جو جيڪڏهن مال جي لالچ دل ۾ ناهي تہ ان شآءَ الله عافيت ۽ سلامتي نصيب ٿيندي چو تہ مال جي لالچ ڪوڙ تباهين جو ڪارڻ آهي جيئن تہ الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ: ٻہ بکايل بگھڙ جيڪڏهن ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ڇڏيا وڃن تہ ايترو نقصان ناهن پهچائيندا جيترو مال ۽ دولت جي لالچ ۽ حبّ جاهہ(پنهنجي تعريف پسند ڪرڻ)انسان جي دين کي نقصان پهچائيندا آهن. (ترمذی، 4/ 166، حديث:2383)

ذميداري پوري ڪرڻ ۽ انصاف ڪرڻ واري حاڪم جا فضائل: حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ امت جي حق ۾ پنهنجي ذميداري پوري ڪرڻ وارا هڪ عادل حاڪم ثابت ٿيا هئا، ۽ حديث پاڪ جي مطابق: "عدل ڪرڻ وارو حاڪم قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي رحمت يا ان جي عرشِ اعظم جي ڇانوَ هيٺ هوندو. (بخاری،1/ 480، حديث: 1423- مرآۃ المناجيح، 435/1) ۽ عادل حاڪم جو هڪ ڏينهن 60 سال جي عبادت کان بهتر هوندو آهي. (معجم اوسط،3/ 334، حديث: 4765) پڻ نيڪ عادل بادشاهہ قيامت جي ڏينهن نور جي منبرن تي هوندا. (مسلم، ص783، حديث:4721)

جڏهن تہ رعايا جي معاملات ۾ خيانت ڪرڻ ۽ پنهنجي ذميداري پوري نہ ڪرڻ واري حاڪم ۽ نگران جي متعلق الله پاڪ جي آخري نبي محمد عربي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمان ۾ تمام گهڻي عبرت آهي 6 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙهو:

## ذميداري پوري نہ ڪرڻ وارا

الله پاڪ جنهن ٻانهي کي رعايا جو نگران بڻائي ۽ اهو پنهنجي رعايا سان خيانت ڪندي مري وڃي تہ الله پاڪ ان تي جنت حرام ڪري ڇڏيندو آهي. (مسلم، ص78،حديث:363)

(2) جيڪو شخص مسلمانن جي معاملن جو نگران بڻجي پوءِ انهن جي لاءِ ڪوشش نہ ڪري ۽ انهن جي خيرخواهي نہ ڪري تہ اهو انهن سان گڏ جنت ۾ داخل نہ ٿيندو. (مسلم، ص78، حديث:366)

(3) هڪ روايت ۾ آهي تہ جهڙي خيرخواهي ۽ ڪوشش پنهنجي لاءِ ڪندو آهي اهڙي انهن جي لاءِ نہ ڪري تہ الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن منهن ڀر جهنم ۾ وجهي ڇڏيندو. (معجم صغير 1/ 167)

(4) جيڪو شخص مسلمانن جي ڪنهن بہ معاملي جو نگران بڻيو ان کي قيامت جي ڏينهن آندو ويندو ايستائين جو ان کي جهنم جي پل تي بيهاريو ويندو، جيڪڏهن اهو نيڪي ڪرڻ وارو هوندو تہ پل پار ڪري ويندو ۽ جيڪڏهن برائي ڪرڻ وارو هوندو تہ ان جي سبب پل ڦاٽي پوندي ۽ اهو شخص

جهنم ۾ 70 سال جيتري مسافت تي وجي ڪرندو. (معجم ڪبير،39/2، حديث: 1219)

(5) جيڪو شخص مسلمانن جي ڪنهن معاملي جو نگران بڻيو، پوءِ ان مسڪين، مظلوم يا حاجت مند تي پنهنجو دروازو بند رکيو ته الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي حاجت جي وقت پنهنجي رحمت جا دروازا بند رکندو جڏهن ته هو ان جو گهڻو محتاج هجي. (مسند احمد،315/5، حديث: 15651)

(6) جيڪو منهنجي امت جي ڪنهن معاملي جو نگران بڻيو ۽ هُن انهن کي مشقت ۾ وڌو ته ان تي الله پاڪ جي بَهْلَه آهي. صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪئي: اي الله جا رسول! الله جي بَهْلَه مان ڇا مراد آهي؟ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايائون: الله پاڪ جي لعنت. (مسند ابی عوانة، 380/4،حديث:7023)

اي عاشقان رسول! مان دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ 1991ء ۾ آيو آهيان ۽ مون سڀ کان پهريان 1994ء يا 1995ء ۾ حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرت مبارڪ پڙهي هئي، الحمدلله ان وقت کان وٺي مون کي ان سان محبت ٿي وئي هئي جو هي کهڙي نہ ڪمال شخصيت آهي، ڪنهن کي جيڪڏهن نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت پاڪ، خلفاء راشدين ۽ ٻين عظيم اصحابن رَضِيَ اللهُ عَنْهم جي سيرتن جو فيضان ڪنهن هڪ شخص ۾ جمع ڏسڻو هجي ته هو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرت پاڪ کي ڏسي وٺي.

علمِ دين جي نور کان مالا مال، زهد و تقوٰي ۽ پرهيزگاري، اهلِ علم سان محبت، علم وارن کي پاڻ سان گڏ رکڻ ۽ انهن سان مشاورت ڪرڻ وغيره. مطلب ته خوفِ خدا، تقوٰي و پرهيزگاري ۽ شريعتِ مطهره تي عمل جي بنياد تي هلايل بادشاهي ٿوري ئي عرصي ۾ امن ۽ معيشت ٻنهي کي ئي مضبوط ڪري ورتو هو جيڪي ڪنهن بہ ملڪ ۽ رياست جون 2 اهم شيون هونديون آهن.

مان بالعموم تمام عاشقان رسول کي ۽ خاص ڪري امت جي حاڪمن، ذميدارن ۽ حڪمراني طبقن کي عرض ٿو ڪريان! الله پاڪ جو خوف رکندي پنهنجين ذميدارين کي پورو ڪريو، پنهنجي موت، قبر ۽ حشر جي معاملات کي هميشہ ذهن ۾ رکو، عمل جي نيت سان حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرت مبارڪ کي ضرور پڙهو. جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو ته توهان پنهنجي اندر مثبت تبديلي ضرور محسوس ڪندا ۽ پنهنجون ذميداريون سٺي نموني ادا ڪرڻ جي طرف قدم کڻندا، الله تعاليٰ اسان کي پنهنجيون ذميداريون سٺي نموني ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضانُ المبارڪ جو مهينو وڏي تيزي سان پنهنجي اختتام ڏانهن جاري وساري آهي، هاڻي ان جون ڪجھ گهڙيون بچيون آهن، ۽ ان کان پوءِ شوّالُ المڪرم جي آمد آمد آهي. خوش نصيب مسلمان شوال جي مهيني ۾ ڇھ روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا ۽ ان جون برڪتون ماڻيندا آهن. اچو! اسان بہ شوال المڪرم جا روزا رکڻ جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ انهن روزن جا فضائل ٻڌون ٿا تہ جيئن اسان کي بہ اهي روزا رکڻ ۽ انهن جي برڪتن مان فيضياب ٿيڻ جي سعادت نصيب ٿئي، جيئن تہ

هن باري ۾ ٽي (3) فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا.

1. جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ ڇھ ڏينهن شوال ۾ رکيا تہ گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.(مجمع الزوائد،كتاب الصيام،باب فيمن صام ...الخ،٣ /٤٢٥،حديث:٥١٠٢)

2. جنهن رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ ڇھ شوال ۾ رکيا. تہ ائين آهي جيئن دهر جا (يعني سڄي عمر جا) روزا رکيا "(مسلِم،كتاب الصيام،باب استحباب صوم ...الخ،ص٥٩٢،حديث:٢٧٥٨)

3. "جنهن عيد الفطر کان پوءِ (شوال ۾) ڇھ روزا رکي ڇڏيا تہ ان پوري سال جا روزا رکيا جو جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو ان کي ڏھ ملنديون. ( ابن ماجه،كتاب الصيام،باب الصيام ستة ايام ...الخ،٢/٣٣٣، حديث:١٧١٥)

**خليلِ** ملّت حضرت علامہ مولانا مفتي محمد خليل خان قادري برڪاتي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن بہ حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي تہ متفرق (يعني وقفو ڪري) رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ ٻہ روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي وٺي ۽ پوري مهيني ۾ رکي تہ اجان بہ مناسب(Suitable) معلوم ٿئي ٿو. (سنّي بهشتي زيور ص 347) مطلب تہ عيد الفطر جو ڏينهن ڇڏي سڄي مهيني ۾ جڏهن چاهيو عيد جا ڇھ روزا رکي سگهو ٿا.